SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1991

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1991

سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1991

THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 7 جي تبديلي
Substitution of Section 7 of W.P Ordinance II of 1962
3. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962
4. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of Section 24 of West Pakistan Ordinance II of 1962

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه
1991
SINDH ORDINANCE NO.VII OF

1991

سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1991

THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

تمهيد (Preamble)

[29 جون 1991]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) اردينس، 1991 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 7 جي تبديلي
Substitution of Section 7 of W.P Ordinance II of 1962

2.سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 7 لاءِ هيٺيون متبادل هوندو:

(ڊسٽرڪٽ جج جي عدالت جو اصل دائره اختيار)

"7.وقتي طور لاڳو ڪنهن به قانون موجب سول

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 24 جي ترميم

Amendment of Section 24 of West Pakistan Ordinance II of 1962

ڪيسن ۽ مقدمن ۾ ڊسٽرڪٽ جج جي عدالت جو اصل دائره اختيار ملهه جي حد ڪانسواءِ هوندو، سواءِ ڪراچي جي ضلعن جي جتي سول ڪيسن ۽ مقدمن ۾ ۽ ڪارروائين ۾ جتي ملهه پنج لک رپين کان وڌيڪ هجي اهو ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ هلايو ويندو:

بشرطيڪ سول ڪيس ۽ مقدما جن جو ملهه پنج لک رپين کان وڌيڪ هجي جيڪي ڪراچي جي ضلعن ۾ سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1991 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ هاءِ ڪورٽ ۾ التوا هيٺ هجن، اهو هاءِ ڪورٽ طرفان نيڪال ڪيا ويندا.".

3.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (a) ۾، لفظن "پنجاهه هزار رپيا" لاءِ لفظ "ٻه لک ۽ پنجاهه هزار رپيا" متبادل بڻايا ويندا.

4.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 24 ۾، لفظن "هڪ لک رپيا" جتي به اچن، لفظ "پنج لک رپيا" متبادل بڻايا ويندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.